# معراج جي سفر ۾

# سکڻ واريون ڳالهيون

07-February-24



(27 رجب، 1445ھ) شبِ معراج جو بيان

(for Islamic Brothers)

7 فيبروري، 2024ء (27 رجب، 1445ھ) اجتماعِ معراج جو بيان
(اربع ۽ جمعرات جي وچين رات)

# معراج مصطفيٰ ۾ سکڻ واريون ڳالهيون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... هر انسان فطرت (اسلام) تي پيدا ٿيندو آهي

✿... شانِ عبديتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

✿... بندگي جا ڪجھ آداب

✿... گناهن ڀري زندگي ۾ بهار اچي وئي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

امام عبدُ الوهاب شَعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 10 هين صدي هجري جا تمام وڏا عالمِ، تمام وڏا ڪامل ولي ٿي گذريا آهن. پاڻ لکن ٿا: معراج واري رات جڏهن صاحبِ معراج نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيا تہ پاڻ هڪ آواز ٻڌائون جيڪو حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه جي آواز مبارڪ جهڙو هو، چيو ويو: قِفْ يَامُحَمَّد! اِنَّ رَبَّكَ يُصَلِّيْ يعني اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انتظار فرمايو! اوهان جو ربُّ صلوٰة فرمائي ٿو.

پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دل ئي دل ۾ سوچيو: اَرَبِّيْ يُصَلِّيْ؟ ڇا منهنجو ربّ نماز پڙهندو آهي...؟ فرمايو ويو: اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هو الله پاڪ آهي جيڪو پاڻ بہ ۽ ان جا ملائڪَ بہ اوهان تي دُرود موڪليندا آهن.[1]

نبی کی شان میں ہو جس قدر درود پڑھو | محبو! پاؤ گے جنت میں گھر درود پڑھو
خدا تو بھیجے ہے صلو و سلمو کا خطاب | تم ایسے بیٹھے ہو کیوں بے خبر درود پڑھو
فرشتے جاتے ہیں لے کر درود حضرت کو | اُدھر پہنچتا ہے جو تم اِدھر درود پڑھو

1 اَلْيَوَاقِيْتُ وَ الْجَواهِر، جزء:2، المبحث الرابع والثلاثون فی بیان صحۃ...الخ ، صفحہ:276 بتغير قليل۔

رسولِ پاک کے حق میں تو یہ بھی تھوڑا ہے | جو اُن کے نام پہ اٹھوں پھر درود پڑھو[1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا تہ شان آهي اسان جي پياري آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو...!! پاڻ اهڙي شان وارا آهن جو سندن ربّ ڪريم، تمام جهانن جو خالق ۽ مالڪ سندن مٿان دُرود موڪلي ٿو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ دُرودِ پاڪ جي ڪثرت ڪرڻ گهرجي، اَڄ شبِ معراج آهي ۽ هڪ قول هي بہ آهي تہ آيتِ دُرود يعني

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓىٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ نبيءَ تي درود موڪلين ٿا. اي ايمان وارؤ! ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو.[2]

انهيءَ رات نازل ٿي.[3] يعني هن قول جي مطابق هي پياري پياري آيت شبِ معراج جو تحفو آهي. تنهنڪري اڄوڪي رات خاص طور تي ۽ هن کان علاوه سڄي زندگي اٿندي ويهندي هلندي ڦرندي ڪثرت سان دُرود پڙهندو رهڻ جي عادت بڻايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جون ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

ہر درد کی دوا ہے صلِّ علٰی مُحَمَّد | تعویذِ ہر بلا ہے صلِّ علٰی مُحَمَّد
محبوبِ کبریا ہے صلِّ علٰی مُحَمَّد | کیا نقشِ خوشنما ہے، صلِّ علٰی مُحَمَّد
قربِ خُدا ہو حاصل، جنّت میں ہو وہ داخِل | جس نے لکھا پڑھا ہے صلِّ علٰی مُحَمَّد

---

1 نورِ ايمان، صفحہ:56، 57 ملتقطاً۔
2 سيپارو: 22، الاحزاب: 56۔
3 القول البديع، الباب الاوّل فی الامر بالصلاة...الخ، صفحہ:43۔

| | |
|---|---|
| جنّت مقام ہو گا، دوزخ حرام ہو گا | گر دِل پہ لکھ لیا ہے صلِّ عَلٰی مُحَمَّد |
| اس کی نجات ہو گی، رحمت بھی ساتھ ہو گی | جو پڑھ کے مر گیا ہے صلِّ عَلٰی مُحَمَّد |
| جانے بھی دے اِرَم کو، رضواں نہ روک ہم کو | سینے پہ لکھ لیا ہے صلِّ عَلٰی مُحَمَّد |
| جو دردِ لادوا ہو، یہ گھول کر پلا دو | کیا نسخۂ شفا ہے صلِّ عَلٰی مُحَمَّد |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير تي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، تڪرار ڪرڻ کان بچندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اڄ اَلْحَمْدُلِلّٰه! رجب جي 27 هين رات آهي. ❁ اڄ شانِ مصطفٰي جي اظهار جي رات آهي ❁ اڄ مقامِ مصطفٰي جي اظهار جي رات آهي ❁ اَڄ انبياء جي امامت جي رات آهي ❁ اڄ معراجِ مصطفٰي جي رات آهي ❁ بلڪ

1...بخاری،كتاب بدء الوحی،باب كيف كان بدء...الخ، صفحه:65،حديث:1۔

هيئن چئو تہ اڄ اها رات آهي جو هن رات بُراق کي خدمتِ مصطفٰي جو معراج ٿيو ❁ اڄ اها رات آهي جو مسجدِ اقصٰي کي زيارتِ مصطفٰي جو معراج ٿيو ❁ اڄ اها رات آهي جو انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جيڪو ديدارِ مصطفٰي جو شوق رکندا هئا اڄ انهن جي لاءِ زيارتِ مصطفٰي جي رات آهي ❁ اڄ ستن آسمانن ❁ اتان جي ملائڪن جي لاءِ ❁ جنّت ۽ جنّت جي تمام نعمتن جي لاءِ ❁ اتان جي حورن جي لاءِ ❁ بلڪ حق تہ اهو آهي جو عرشِ اعظم جي لاءِ بہ معراج جي رات آهي. جي ها! اهو عرشِ اعظم آهي، جنهن کي مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قدم چمڻ جي حسرت هئي ❁ اڄوڪي رات محبوبِ خُدا، امامُ الانبياء، معراج جا گهوٽ، ٻنهي جهانن جا سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عرش تي تشريف وٺي ويا ۽ عرشِ اعظم جي ان حسرت کي پورو فرمائي ڇڏيو.

| | |
|---|---|
| پردہ رُخِ اَنور سے جو اُٹھا شبِ معراج | جنّت کا ہوا رنگ دوبالا شبِ معراج |
| حُوروں نے بھی گایا یہ ترانہ شبِ معراج | خالق نے محمد کو بلایا شبِ معراج |
| اے رحمتِ عالم تیری رحمت کے تَصَدُّق | ہر ایک نے پایا ترا صدقہ شبِ معراج |
| جس وقت چلی شاہِ مدینہ کی سواری | سجدے میں جھکا عرشِ مُعَلّٰی شبِ معراج |
| مہمان بلانے کے لئے اپنے نبی کو | اللہ نے جبریل کو بھیجا شبِ معراج |
| یہ شانِ جلالت کہ نہایت ہی ادب سے | جبریل نے آقا کو جگایا شبِ معراج |
| جبریل جھکے، ہو گئے سرکار روانہ | منہ تکتا ہوا رہ گیا سدرہ شبِ معراج |
| ہمراہ سُواری کے تھیں افواجِ ملائک | بن کر چلے اس شان سے دولہا شبِ معراج |
| مدّت سے جو ارمان تھا، وہ آج نکالا | حوروں نے کیا خُوب نظّارہ شبِ معراج |
| تھی راستہ بھر اُن پہ درودوں کی نچھاور | باندھا گیا تسلیم کا سہرا شبِ معراج |

دولہا تھے محمد تو براتی تھے فرشتے | اس شان سے پہنچے مرے مولیٰ شبِ معراج
روشن ہوئے سب ارض و سما نور سے اس کے | جب ماہِ عرب عرش پہ چمکا شبِ معراج
ممکن ہی نہیں عقلِ دو عالم کی رسائی | ایسا دیا اللہ نے رُتبہ شبِ معراج
تفصیل سے کی سیر مگر اس پہ یہ طُرّہ | اک پل میں یہ طے ہو گیا رستہ شبِ معراج
زنجیر درِ پاک کی ہلتی ہوئی پائی | اور گرم تھا وہ بسترِ اعلیٰ شبِ معراج
اس میں سے جمیلؔ رضوی کو بھی عطا ہو | رحمت کا بٹا خاص جو حصّہ شبِ معراج[1]

مرحبا! مرحبا! | صاحبِ مِعْراج | رحمتِ کبریا! | صاحبِ مِعْراج
لطفِ حق ہو گیا! | صاحبِ مِعْراج | شاہِ ہر دو سرا! | صاحبِ مِعْراج
تم کو مِعْراج کا! | صاحبِ مِعْراج | حق سے مُژدہ ملا! | صاحبِ مِعْراج
رہبر و رہنما! | صاحبِ مِعْراج | نیک دیجئے بنا! | صاحبِ مِعْراج
ہو مُبارک شہا! | صاحبِ مِعْراج | یا شفیعَ الورٰی! | صاحبِ مِعْراج

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!     صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## معراج جي واقعي جو خلاصو

سيپارو: 15، سورت بني اسرائيل. آيت: 1 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

سُبْحٰنَ الَّذِیْۤ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَیْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا

ترجمو ڪنزالعرفان: پاڪ آهي اها ذات جنهن پنهنجي خاص ٻانهي کي رات جي ڪجهه حصي ۾ مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصيٰ تائين سير ڪرايو.

---

1 قبالۂ بخشش، صفحہ:122تا126 ملتقطاً ۔

اي عاشقانِ رسول! معراج اسان جي آقا ۽ مولا، مُحمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو عظيم ۽ مُنفرد مُعجزو آهي، اسان جا پيارا نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مڪي شريف ۾ حضرت اُمِّ هاني رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي گهر آرام فرمائي رهيا هئا، اوچتو ڇت کُلي وئي، ملائڪن جا سردار حضرت جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام حاضر ٿيا، الله پاڪ جو پيغام ٻڌايو، معراج جي خوشخبري ٻڌائي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بُراق تي سوار ٿيا، مسجدِ اقصٰي ۾ تشريف وٺي آيا، اتي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي امامت فرمائي، پوءِ آسمان ڏانهن رخ فرمايو، ستن آسمانن کان مٿي سِدرةُ المُنتهٰي تي تشريف وٺي ويا، پوءِ سِدرةُ المُنتهٰي کان لامَڪان پهتا، جاڳندي واري حالت ۾ الله پاڪ جو ديدار ڪيو، ڪيئي هزار لکَ ڪلو ميٽر جو سفر طئي ڪري واپس به تشريف وٺي آيا ۽ اجان رات جو رڳو ٿورڙو ئي حصو گذريو هو، عالم سڳورا فرمائن ٿا: جڏهن حضورِ اڪرم، جانِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ واپس تشريف وٺي آيا، بسترو مبارڪ اجان گرم هو ۽ دروازي جي ڪُنڊي به لڏي رهي هئي.[1]

ہیں عرشِ بَریں پر جلوہ فگن محبوبِ خُدا سُبْحٰنَ اللہ!
اِک بار ہُوا دِیدار جسے سَو بار کہا سُبْحٰنَ اللہ!
حیران ہوئے بَرْق اور نظر اِک آن ہے اور برسوں کا سفر
راکب نے کہا اَللہُ غَنی مرکب نے کہا سُبْحٰنَ اللہ!
طالِب کا پتہ مطلوب کو ہے مطلوب ہے طالِب سے واقف
پَردے میں بُلا کر مِل بھی لئے پَردہ بھی رہا سُبْحٰنَ اللہ!
ہے عَبْد کہاں معبود کہاں مِعْراج کی شب ہے راز نِہاں
دو نُور حجابِ نُور میں تھے خود ربّ نے کہا سُبْحٰنَ اللہ!

---

1 انوارِ جمالِ مصطفٰے، صفحہ:277بتغیرقلیل۔

سمجھے حامدؔ اِنسان ہی کیا یہ راز ہیں حُسن و اُلفت کے
خالق کا حَبِیبی کہنا تھا خَلقت نے کہا سُبْحٰنَ اللّٰہ![1]

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| اللّٰہ | کی | عنایت! | مرحبا! | معراج کی عظمت! | مرحبا! |
| براق | کی | قسمت! | مرحبا! | براق کی سُرعَت! | مرحبا! |
| اقصیٰ | کی | شوکت! | مرحبا! | نبیوں کی امامت! | مرحبا! |
| آقا | کی | رِفعت! | مرحبا! | آسماں کی سیاحت! | مرحبا! |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## معراج جي سفر ۾ سکڻ جون ڳالهيون

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي معراج جو سفر کيئي واقعن جو مجموعو آهي، هي فقط هڪ معجزو نه بلڪ ان ۾ کيئي معجزا آهن ۽ هي ڳالهه به ذهن نشين کندا! ته هي صرف هڪ سفر نه هو، معراج جو سفر پورو هڪ زندگي جو نصاب به آهي. جيڪڏهن اسان سکڻ جي نيّت سان سفرِ معراج شريف جا واقعا پڙهون ته اسان کي کوڙ ڳالهيون سکڻ جي لاءِ ملن ٿيون ۽ علم و حکمت سان ڀرپور اهڙا بي مثال ۽ باکمال سبق ملن ٿا جو اسان انهن سبقن کي اپنايون، انهن کي ذهن ۾ ويهاري کري انهن تي عمل کرڻ شروع کري ڇڏيون ته اسان جي دنيا ۽ آخرت ٻئي چڱيون ڀلين ٿي سگهن ٿيون . اچو! سفرِ معراج جي سبقن مان کجھ سبق ٻڌون ٿا:

## (1): فطرت تي قائم رهو!

معراج شريف جي روايتن ۾ آهي: پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

1 بياض پاڪ، صفحہ:33۔

مڪي شريف ڪان هليا ۽ مسجدِ اقصيٰ پهتا. اُتي سندن بُلند شان جي اظهار جي لاءِ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام کي جمع ڪيو ويو هو. جيئن تہ مسجدِ اقصيٰ پهچي ڪري جبريلِ اَمين عَلَيہ السَّلَام اذان چئي، انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام صفون ناهيون، هاڻي انتظار ٿي رهيو هو تہ امامت جي مصلي تي ڪير اچي، اڄ اهي ڪير عظيم شان وارا آهن، جيڪي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جي امامت فرمائيندا.

ايتري ۾ حضرت جبريلِ اَمين عَلَيہ السَّلَام اڳتي وڌيا، وَ اَخَذَ يَدَہٗ فَقَدَّمَہٗ ۽ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو هٿ پڪڙي ڪري مصلي جي طرف وڌائي ڇڏيو.[1]

سارے نبیوں کے عہدے بڑے ہیں، لیکن آقا کا منصب جُدا ہے
وہ امامِ صفِ انبیا ہیں ان کا رتبہ بڑوں سے بڑا ہے
کوئی لفظوں سے کیسے بتا دے ان کے رُتبے کی حد ہے تو کیا ہے
ہم نے اپنے بڑوں سے سُنا ہے، صِرف اللہ اُن سے بڑا ہے

پيارا اسلامي ڀائرو! مسجدِ اقصيٰ ۾ نماز ادا ڪرڻ کان بعد پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ کي اُڃ محسوس ٿي، جيئن تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ 2 پيالا پيش ڪيا ويا (1): انهن مان هڪ ۾ کير (2): ٻئي ۾ پاڪيزه شراب هو، رحمت واري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جن کيرَ جو پيالو قبول فرمايو. ان تي حضرت جبريلِ اَمين عَلَيہ السَّلَام عرض ڪيو: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِی هَدَاكَ الْفِطْرَةَ تمام تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن جنهن اوهان جي فطرت جي طرف رهنمائي فرمائي لَوْ أَخَذْتَ الْخَمْرَ غَوَتْ أُمَّتُكَ جيڪڏهن اوهان شراب جو پيالو قبول فرمايو ها تہ اوهان جي اُمّت گمراهہ ٿي وڃي ها.[2]

---

1 سبل الھدی، جماع ابواب معراجہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم ، الباب الثامن ...الخ، جلد:3، صفحہ:84۔
2 بخاری، کتاب الاشربۃ، باب قول اللہ تعالی انما الخمر...الخ، صفحہ:1419، حدیث:5576۔

سُبْحٰنَ اللّٰہ! معراج واري رات جڻ اُمّت جي قسمت جو فيصلو ٿي رهيو هو، جيڪڏهن حُضور جانِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پاڪيزه شراب جو پيالو قبول فرمائن ها تہ اُمّت گمراھ ٿي وڃي ها پر اَلحَمْدُلله! الله پاڪ اسان گنهگارن کي رحمتن واري نبي، نبين جي نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اُمّتي بڻايو آهي، اسان جي ڪريم آقا، اسان جي رحيم آقا، احمدِ مجتبٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُمّت تي ڪرم فرمايو ۽ کيرَ جو پيالو قبول فرمائي ڪري گمراهي کان بچائي ورتو.

اي عاشقانِ رسول! هي اسان جي لاءِ سکڻ جو سبق آهي. هيءَ اُمّت فطرت تي قائم رهڻ واري اُمّت آهي. تنهنڪري اسان سيني تي لازم آهي تہ اسان فطرت تي قائم رهون. هاڻي هي فطرت ڇا آهي؟ فطرت تي قائم ڪيئن رهڻو آهي؟ فطرت تي قائم رهڻ جي اهميت ڇا آهي؟ ٻڌون ٿا:

## فطرت ڇاکي چوندا آهن؟

الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِیْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَیْهَاؕ لَا تَبْدِیْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِؕ ذٰلِكَ الدِّیْنُ الْقَیِّمُ ﳓ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا یَعْلَمُوْنَ ﳓ﴿۳۰﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: (هي) الله جي پيدا ڪيل فطرت (آهي) جنهن تي ان ماڻهن کي پيدا ڪيو. الله جي ٺاهيل ۾ تبديلي نہ ڪجانءِ. اهو ئي سڌو دين آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن.[1] هن آيت ۾ فطرت مان مُراد دينِ اسلام آهي.[2] يعني فرمايو پيو وڃي تہ اي انسانو! فطرت (يعني دينِ اسلام) جي پيروي ڪيو! بيشڪ تمام انسانن کي انهيءَ فطرت تي ئي پيدا ڪيو ويو آهي، هاڻي ان

---

1 سيپارو: 21 الروم: 30۔

2 صراط الجنان، پاره:21، اَلرُوم، زيرِ آيت:30، جلد:7، صفحه:443۔

ڪان پوءِ جيڪو هن فطرت ڪان منهن موڙي ڪري ڪنهن ٻئي طرف رُخ ڪري تو تہ اهو شيطان جي چَنبي ۾ ڦاٿل آهي.[1]

## هر انسان فطرت تي پيدا ٿيندو آهي

حديثِ پاڪ ۾ آهي: مَا مِنْ مَوْلُودٍ إِلَّا يُولَدُ عَلَى الْفِطْرَةِ، فَأَبَوَاهُ يُهَوِّدَانِهِ، أَوْ يُنَصِّرَانِهِ يعني ٻار فطرت تي ئي پيدا ٿيندو آهي، هي ان جا ماءُ پيءُ آهن جيڪي ان کي يهودي يا نصراني بڻائي ڇڏيندا آهن.[2]

مشهور مُفسرِ قرآن مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: فطرت مان مُراد آهي: اصلي ۽ پيدائشي حالت. يعني هر انسان ايمان (۽ دينِ اسلام) تي پيدا ٿيندو آهي، پوءِ هوش سنڀالڻ کان پوءِ جيئن پنهنجي والدين ۽ ساٿين کي ڏسندو آهي، اهڙو ئي بڻجي ويندو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن قرآني آيت ۽ حديثِ نبوي مان معلوم ٿيو: اسان مخلوق آهيون ۽ اسان جي خالق، اسان کي خلقڻ واري ربَّ ڪريم اسان کي ڊيزائن ئي اهڙي انداز تي ڪيو آهي جو دين، ايمان، توحيد، هي سڀ ڪجهہ اسان جي فطرت ۾ رکيو ويو آهي.[3]

## سمنڊ ۾ اميد ڪنهن سان لڳائي...!!

اهلِ بيت پاڪ جي مشهور و معروف شخصيت حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وٽ هڪ ڀيرو هڪ دَهريو (يعني خُدا جي وجود جو انڪاري) اچي ويو، امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان کان پڇيو: ڇا تو ڪڏهن سمنڊ ۾ سفر ڪيو آهي؟ چيائين: جي ها! ڪيو آهي. فرمايائون: ڇا ڪڏهن سمنڊ ۾ ڪو خوفناڪ حادثو بہ

---

1 تفسيرِ نسفی، پاره:21، اَلرُّوم، زيرِ آيت:30، جلد:2، صفحہ:699خلاصةً۔
2 بخاری، کتاب الجنائز، باب اذا اسلم الصبی...الخ، صفحہ:380، حديث:1358۔
3 مرآة المناجيح، جلد:1، صفحہ:100بتصرف قليل۔

پيش آيو. چوڻ لڳو: جي ها! فرمايائون: ان جي تفصيل ٻڌايو! هاڻي اهو دهريو چوڻ لڳو: هڪ ڏينهن سامونڊي سفر دوران سخت خوفناڪ طوفاني هوا هلي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻيڙي ڀڄي پئي ۽ ملاح ٻُڏي مري ويو، مون ڀڳل ٻيڙي جي هڪ ڦٽي کي پڪڙيو ۽ سمنڊ جي طوفاني ڇولين تي سفر ڪرڻ لڳس، آخر ڪار سامونڊي ڇولين جي ڪري اهو ڦٽو به منهنجي هٿ مان ڇڏائجي ويو، هاڻي مان بي سهارو ايڏي وڏي سمنڊ ۾ تري رهيو هيس، آخر ڪار سامونڊي ڇولين مون کي ڪناري تي اڇلائي ڇڏيو (۽ منهنجي جان بچي وئي). اهو ٻڌي ڪري امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن فرمايو: جڏهن تون سمنڊ ۾ لٿين، توکي ٻيڙي ۽ ملاح تي ڀروسو هو ته مان هن ٻيڙيءَ جي ذريعي سمنڊ ٽپي ويندس، پوءِ جڏهن ٻيڙي ٽُٽي پئي ته توکي ٻيڙيءَ جي هڪ ڦٽي تي ڀروسو ٿي ويو ته ان جي سهاري مان ڪناري تائين پهچي ئي ويندس، پوءِ جڏهن اهو ڦٽو به هٿ مان ڇڏائجي ويو ۽ تون بلڪل بي سهارو ٿي وئين، ڇا ان وقت به توکي بچي وڃڻ جي اميد هئي؟ چوڻ لڳو: جي ها! مون کي اميد هئي. امام جعفر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: ان وقت ته ڪو سهارو موجود نه هو، ان وقت ڪنهن تي اعتماد هو، ڪنهن جي ڀروسي تي تون بچڻ جي اميد لڳائي رهيو هئين؟ هاڻي اهو شخص خاموش ٿي ويو. امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: ان خوفناڪ حالت ۾ به تنهنجي نه چاهيندي به **جيڪا هڪ اميد لڳل هئي، جنهن هستي تي ڀروسو هو،** انهيءَ کي خُدا چوندا آهن، انهيءَ توکي ٻڏڻ کان بچايو آهي. سندن هيءَ حڪمت ڀري ڳالهه ٻڌي ڪري اهو شخص انهيءَ وقت ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويو.[1]

مطلب ته ايمان، دين، توحيد، هي سڀ ڳالهيون فطرت جو حصو آهن، هاڻي جيڪڏهن ڪو ✿ دين کان منهن موڙي ٿو ✿ دين جي بدران پنهنجي ناقص عقل جي ڀنيان هلي ٿو ✿ انساني دماغ جي ايجاد ڪيل نظريين جي ڳالهه ڪري ٿو

---

1 تفسيرِ ڪبير ، پاره : 1 ، البقره ، زيرِ آيت : 22 ، جلد : 1 ، صفحه : 333۔

✺ مادَر پدَر آزادي جا نعرا لڳائي ٿو ✺ آزاد خيال (*Liberal*) بڻجي ٿو ته اهو شخص پنهنجي فطرت کي ويساري رهيو آهي، ايئن سمجهو! ته هڪ هوندو آهي: جسماني مسخ يعني چهرو بگاڙڻ ۽ هڪ هوندو آهي: روحاني مسخ يعني روح کي بگاڙڻ. جيڪو انسان پنهنجي فطرت کي ويساري ڪري ايمان ۽ دين جي خلاف رستو اختيار ڪندو آهي، اهو اصل ۾ پنهنجي روح کي بگاڙي رهيو آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي ته اسان هميشه فطرت تي قائم رهون.

## فطرت جون ڳالهيون

مسلمانن جي پياري امڙ حضرتِ عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ عَنْہَا کان روايت آهي، رسولِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: 10 شيون فطرت مان آهن: (1): مُڇون ننڍيون ڪرڻ (2): ڏاڙهي وڌائڻ (3): مسواڪ ڪرڻ (4): نڪَ ۾ پاڻي چاڙهڻ (جيئن وضو ۾ چاڙهيندا آهيون) (5) ننهن ڪٽڻ (6) پوَرا (آڱر جو ڳنڍيون) ڌوئڻ (7): بغل ۽ (8): زيرِ ناف جا وارَ صاف ڪرڻ (9): ۽ پاڻيءَ سان استنجاء ڪرڻ راوي چون ٿا: **ڏهين شيءِ ڪهڙي هُئي، اها مون کان وسري وئي.** [1]

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هي 10 شيون نبين جي سُنّت ۽ اسان جي فطرت جو حِصّو آهن. هاڻي غور فرمايو! شبِ معراج اسان جي پياري آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اسان تي ڪرم فرمايو، ڪين کير ۽ پاڪيزه شراب جو پيالو پيش ڪيو ويو ته پاڻ کير کي اختيار فرمايائون ۽ ان ۾ ڪهڙي حڪمت هئي؟ ته جيئن سندن اُمَّت فطرت تي قائم رهي. هاڻي اسان غور ڪري ونون ته ڇا اسان ان ڪرم نوازي جي لَڄ رکي رهيا آهيون، هي 10 شيون جيڪي فطرت جو حصو آهن، ڇا اسان انهن 10 شين کي اپنائي رهيا آهيون. مثال طور مُڇون ننڍيون ڪرڻ ۽ ڏاڙهي وڌائڻ فطرت جو حصو آهي. اڄ اسان ڏسون: ته ڪيترا ماڻهو آهن جيڪي ڏاڙهي رکن ٿا...!!

---

1 مسلم، کتاب الطہارۃ، باب خصال الفطرۃ، صفحہ:116، حدیث:261۔

هاءِ! افسوس! هڪ تعداد انهن ماڻهن جو آهي جيڪي ڏاڙهي شريف جهڙي پياري پياري سنّت کي ڪوڙائي ڪري نالين ۾ وهائي ڇڏيندا آهن. اَلْاَمَان وَالْحَفِيظ...!! ياد رکو! ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽ ڪرائڻ گُناهُ ۽ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.[1]

## ڏاڙهي ڪوڙيلن کان آقا جي نفرت

روايت ۾ آهي: هڪ ڀيري ٻه ايراني آفيسر بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، اهي ٻئي غير مُسلم هئا. ان ڪري سندن ڏاڙهيون ڪوڙيل هيون ۽ مڇون ايتريون وڏيون هيون جو مٿئين چَپ کي ڍڪي رهيون هيون. انهن جا اهڙا چهرا ڏسي ڪري سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن نفرت کان چهرو مبارڪ ڦيري ورتو ۽ فرمايائون: توهان تي هلاڪت هجي، اهڙو چهرو ٺاهڻ جو توهان کي ڪنهن چيو؟ اهي چوڻ لڳا: اسان جي ربَّ پرويز خسرو. (اَسْتَغْفِرُ الله! اَسْتَغْفِرُ الله!). **ان تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: پر منهنجي رب الله ربُّ العالمين حڪم ڏنو آهي ته ڏاڙهي وڌايو ۽ مڇون ڪترايو.**[2]

نیکیاں کر جلد تُو بدیوں سے بھاگ
قبر میں ورنہ بھڑک اٹھّے گی آگ
چھوڑ دے داڑھی منڈانا ہے حرام
ایک مٹھی سے گھٹانا ہے حرام(3)

بهرحال! پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سفرِ معراج

---

1 بہارِ شریعت، جلد:3، صفحہ:585، حصہ:16بتغیر قلیل۔
2 مدارج النبوۃ، جلد:2، صفحہ: 225 بتصرف۔
3... وسائلِ بخشش، صفحہ:715 ملتقطاً۔

مان اسان کي هي سبق مليو ته اسان کي هميشه فطرت تي قائم رهڻو آهي. فطرت ڇا آهي؟ دينِ اسلام. يعني اسان کي اسلام تي، اسلامي اخلاق ۽ آداب تي، اسلامي طور طريقي تي هميشه قائم رهڻو آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

سُنّتوں سے بھائی رشتہ جوڑ تُو | نِت نئے فیشن سے منہ کو موڑ تُو
چھوڑ دے سارے غَلَط رَسم و رَواج | سنتوں پر چلنے کا کر عہد آج[1]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2): معراج جو سفر علمِ دين جو سفر

پيارا اسلامي ڀائرو! معراج شريف جي حڪمتن مان هڪ حڪمت عالمن سڳورن هيءَ به بيان فرمائي آهي ته معراج جو سفر اصل ۾ مصطفيٰ جي دعا قبول ٿيڻ جو نتيجو آهي. اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي حڪم ٿيو:

وَ قُلۡ رَّبِّ زِدۡنِیۡ عِلۡمًا ﴿۱۱۴﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ عرض ڪر: اي منهنجا ربَّ! منهنجي علم ۾ اضافو فرماءِ[2]

پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هيءَ دعا گهرندا رهندا هئا: اي منهنجا ربَّ! منهنجي علم ۾ اضافو فرماءِ. جيئن ته الله پاڪ سندن هيءَ دعا قبول فرمائي ۽ خاص اسرار (يعني رازن) جو علم عطا فرمائڻ جي لاءِ معراج تي گهرائي ورتو.[3]

---

1 وسائلِ بخشش، صفحه:715 ملتقطاً۔
2 سيپارو: 16، طٰه: 114۔
3 ڪتاب المعراج للقُشَيْرى، باب ما قال الشيوخ المتصوفه...الخ، صفحه:113 ملخصاً۔

# ڇهن ئي پاسي تون بُلند آهين

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي هتي هڪ نهايت ئي ايمان اَفروز نڪتو آهي، معراج جي سفر جي روشني ۾ علمِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وُسعت کي ٿورو سمجهو! حضرت ڪعبُ الاَحبار رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: سِدرةُ المنتهٰي اهو مقام آهي جو تمام ملائڪن، نبين ۽ رسولن جو علم انهيءَ تائين آهي، ان ڪان اڳتي ڇا آهي؟ ان جو علم الله پاڪ ڪانسواءِ ڪنهن کي ناهي.[1]

الله اڪبر! معلوم ٿيو: سِدرةُ المنتهٰي اهو مقام آهي جتي سيني ملائڪن، نبين، رسولن جي علم جي انتها ٿي ويندي آهي پر منهنجي ۽ اوهان جي آقا، معراج واري گهوٽ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ڏسو! ربِّ ڪريم سندن سدرةُ المنتهٰي کان بہ اڳتي گهرايو ۽ انهن ڳالهين جو علم بہ عطا فرمائي ڇڏيو، جتي ڪنهن جي پهچ ناهي ٿي.

اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

طُورِ موسیٰ، چرخِ عیسیٰ | کیا مساوِیٔ دَنیٰ ہو
سب جہت کے دائرے میں | شش جہت سے تم وَرا ہو
سب کی ہے تم تک رَسائی | بارگہ تک تم رَسا ہو[2]

وضاحت: حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام ڪوهِ طور تي ربّ ڪريم جو ڪلام ٻڌو، حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام چوٿين آسمان تي تشريف فرما آهن، هي تمام وڏا رتبا آهن پر آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ڏسو! سندن ربَّ ڪريم لامڪان ۾ گهرائي ڪري مقامِ دَنٰي (يعني خاص قرب عطا فرمائي) ڪري بُلند شانَ عطا فرمايا. هن مان معلوم ٿيو، تمام مخلوق جهت (طرف) جي دائري ۾ آهي پر اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جهت جي دائري ڪان بہ مٿي اتي تشريف ڪٽي ويا، جنهن جاءِ تي "جتي، ڪٿي" ڪجهہ بہ نہ هو. سيني جي رسائي يعني پهچ محبوبِ خُدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تائين آهي

1 تفسير درمنثور، پاره:27، سورۀ نجم، زيرِ آيت:14، جلد:7، صفحہ:650۔
2 حدائق بخشش، صفحہ342 ملتقطاً۔

هڪ محبوب ذيشان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي آهن، جن کي ربَّ ڪريم جي بارگاهه ۾ حاضري جي سعادت نصيب ٿي.

اَوج پانا مرے حُضُور کا ہے | عرش جانا مرے حُضُور کا ہے
عرش سے بھی پرے وہ ہو آئے | آنا جانا مرے حُضُور کا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## کهڙو علم ڏنو؟ ڪيترو علم ڏنو؟

پيارا اسلامي ڀائرو! معراج جو سفر علم جو سفر هو. الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي خاص قرب ۾ گهرائي ڪري ڪهڙا علوم عطا فرمايا. ڪهڙا ڪهڙا راز ٻڌايا ويا، ان جو علم ڪنهن کي به ناهي. اسان کي بَس ايترو ٻڌايو ويو آهي ته

فَاَوْحٰۤى اِلٰى عَبْدِهٖ مَاۤ اَوْحٰى ﴿۱۰﴾

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ ان پنهنجي ٻانهي کي وحي فرمائي جيڪا ان وحي فرمائي.[1]

قَصرِ دَنٰی کے راز میں، عقلیں تَو گم ہیں جیسی ہیں
رُوحِ قُدُس سے پوچھیے! تم نے بھی کچھ سُنا کہ یُوں [2]

وضاحت: مقامِ دَنٰي (يعني الله پاڪ جي خاص قرب) ۾ ڪهڙيون راز جون ڳالهيون ٿيون، ڪهڙا ڪهڙا علوم محبوبِ ذيشان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عطا ڪيا ويا، ان جي باري ۾ عقل ته گم آهي، عقل کي ته ڪجهه سمجهه ئي نه ٿو اچي، ٿورو جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام کان ئي معلوم ڪيو! اي ملائڪن جا سردار! اي وحيءَ جا اَمين!

---

1 سيپارو: 27، سورةُ النجم: 10.
2 حدائق بخشش، صفحہ:93.

حضرت جبريل عَلَيهِ السَّلَام! ڇا اوهان ڪجھ ٻڌو ته اتي ڪهڙيون ڪهڙيون راز جون ڳالهيون ٿيون هيون...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ معراج واري رات پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪيترو علم عطا فرمايو: ان جي ڪا خبر ته ناهي، باقي ڪجھ روايتن مان اندازو ٿيو آهي. جيئن روايت ۾ آهي ته: پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ته جڏهن مان معراج جي رات غيب جي پردي ۾ پهتس ته منهنجي وات (مبارڪ) ۾ هڪ ڦڙو وڌو ويو، جيڪو برف کان وڌيڪ ٿڌو هو ۽ ڪستوري کان وڌيڪ خوشبودار هو، ان ڦڙي ۾ اوّلين ۽ آخرين (يعني اڳين ۽ پوئين) جو علم موجود هو، جيڪو منهنجي دل ۾ وڌو ويو. (1)

اهڙي مفهوم جي هڪ حديث پاڪ ترمذي شريف ۾ به هي، جنهن ۾ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو ته مشرق ۽ مغرب جي درميان ۾ جيڪو ڪجھ آهي اهو سڀ مون ڄاڻي ورتو. [2]

| | |
|---|---|
| عالم میں کیا ہے جس کی کہ تجھ کو خبر نہیں | ذرّہ ہے کون سا تری جس پر نظر نہیں |
| یہ علمِ غیب ہے کہ رسولِ کریم نے | خبریں وہ دیں کہ جن کی کسی کو خبر نہیں |
| معراج میں خدا نے بُلایا انہیں جہاں | واللہ! اس جگہ پہ کسی کا گزر نہیں |

## علمِ دين جي لاءِ سفر ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو معراج جو سفر علم جو سفر آهي. هن ۾ اسان جي لاءِ به سبق آهي، اسان کي به گهرجي ته علم دين سکڻ جي لاءِ سفر ڪندا ڪريون. هن جون ڪوڙ برڪتون آهن. حضرت ڪَثِير بن قَيْس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان دمشق جي مسجد ۾ صحابيءِ رسول حضرت ابودرداء رَضِيَ اللهُ عَنْه جي خدمت ۾ حاضر هُيس، ان وقت سندن وٽ هڪ شخص آيو، ان عرض ڪيو: اي ابودرداء

---

[1] ...نَادِرُالمعراج، باب بست و ششم در بیان رسیدن...الخ، فصلِ سوم، صفحہ:277ملتقطاً۔

2 ترمذی، کتاب تفسیر القرآن، باب ومن سورۃ ص، صفحہ:747، حدیث:3234۔

رَضِیَ اللہُ عَنْہ! مون کي معلوم ٿيو تہ اوهان پياري آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي هڪ حديث بيان فرمايو ٿا: مان اها حديثِ پاڪ سکڻ جي لاءِ مديني پاڪ کان آيو آهيان.

(الله اڪبر! علمِ دين جي شوق جو اندازو لڳايو! مديني پاڪ کان دمشق تائين هڪ هزار کلو ميٽر کان وڌيڪ فاصلو آهي ۽ ان دور ۾ تہ گاڏيون ۽ جهازَ بہ نہ هئا، پيادل يا جانورن تي سفر ٿيندو هو، اهي صاحب ايترو پري کان سفر ڪري آيا ۽ آيا ڇو هئا؟ پڙهو!)

حضرت ابودرداء رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: ڇا تون واپار جي لاءِ ناهين آيو؟ عرض ڪيائين: نہ. فرمايائون: واپار کان علاوه (دمشق ۾) توکي ڪو ٻيو ڪم هجي، جنهن جي لاءِ تون آيو آهين؟ عرض ڪيائين؟ نہ (مان تہ صرف حديثِ رسول سکڻ جي لاءِ ايترو پري کان حاضر ٿيو آهيان، ان کان علاوه منهنجو ڪو ٻيو مقصد ناهي) ان تي حضرت ابو درداء رَضِیَ اللہُ عَنْہ طالبِ علمِ دين جا فضائل بيان ڪندي فرمايو: مون الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻڌو: ❁ جيڪو علمِ (دين) سکڻ جي لاءِ ڪنهن رستي تي هلي، الله پاڪ ان جي لاءِ جنّت جو رستو آسان فرمائي ڇڏيندو آهي ❁ بيشڪ ملائڪَ طالبِ علمِ (دين) سان خوش ٿي ڪري، ان جي لاءِ پنهنجا پَرَ وڇائي ڇڏيندا آهن ❁ بيشڪ زمين ۽ آسمان جي تمام مخلوق، ايستائين جو پاڻيءَ ۾ مڇون بہ طالبِ علمِ (دين) جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪنديون آهن ❁ بيشڪ عالِم جي فضيلت عبادت گذار تي ايئن آهي جيئن چوڏهين رات جي چنڊ جي فضيلت تارن تي ❁ بيشڪ عالم انبياءَ جا وارث آهن، بيشڪ انبياءِ ڪرام عَلَیۡہِمُ السَّلَام ورثي ۾ درهم ۽ دينار (يعني مال ۽ دولت) ناهن ڇڏيندا، انبياءِ ڪرام عَلَیۡہِمُ السَّلَام **تہ ورثي ۾ صرف علم ڇڏيندا آهن، بَس جنهن علمِ (دين) حاصل ڪيو، ان وڏو حصو حاصل ڪري ورتو.**[1]

سُبۡحٰنَ اللہ! طالبِ علمِ دين جا بہ ڇا تہ نرالا شانَ آهن. الله پاڪ اسان کي بہ علمِ

1 ترمذی، ابواب العلم، باب ماجاء فی فضل الفقہ...الخ، صفحہ:631، حديث:2682۔

دين سکڻ، خوب ديني ڪتاب پڙهڻ ۽ علمِ دين جي خاطر سفر ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## مدني قافلن ۾ سفر ڪندا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد للّٰه! دعوتِ اسلامي علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي. دعوتِ اسلامي وارن عاشقانِ رسول سان مدني قافلن ۾ سفر علمِ دين سکڻ ۽ علمِ دين جي سفر جون برڪتون ماڻڻ جو بهترين ذريعو آهي. الحمد للّٰه! ❁ دنيا ڀَر ۾ دين جو پيغام عام ڪرڻ جي لاءِ لکين عاشقانِ رسول مدني قافلن جي صورت ۾ مُلڪ مُلڪ، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ويندا ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن ❁ مدني قافلن جي برڪت سان ڪيئي ڪافر ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي چڪا آهن ❁ لکين ماڻهن جي زندگي ۾ نيڪين جي بهار آئي آهي ❁ الحمد للّٰه! 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، 1 مهيني ۽ 12 مهينن جا قافلا سفر ڪندا رهندا آهن.

❁ اوهان بہ مدني قافلي ۾ سفر ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ برڪتون ملنديون ❁ مدني قافلي ۾ فرض علمِ دين سيکاريو ويندو آهي ❁ سنّتون سيکاريون ويندون آهن تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ❁ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ❁ قافلي جي برڪت سان دعائون پوريون ٿيڻ ❁ مشڪلاتون ٽرڻ ❁ بيمارين کان شفا ملڻ جا ڪيئي واقعا آهن ❁ ايئن بہ ٿيو جو مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي دلداري جي لاءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪرم فرمايو، خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ قافلي جي شرڪاء کي ديدار جو شرف عطا ڪيائون. ❁ اسان مدني قافلي ۾ سفر ڪيون، ڪهڙي خبر اسان تي بہ ڪرم ٿي وڃي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر | سنّتیں سیکھیں گے اس میں ان شاء اللہ

تیس تیس اور بارہ بارہ دن کے مدنی قافلے میں سفر کرتے رہو جب بھی تمہیں موقع ملے
مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروردگار سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3): معراج جو سفر ۽ بندگي جو درس

پيارا اسلامي ڀائرو! معراج جي سفر جي حڪمتن بابت عُلماءِ ڪرام هي بہ فرمائن ٿا تہ هي سفر بندگي جو سفر هو. جيئن تہ شيخ ابو علي دقّاق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪي دنيا ۾ موڪليو تہ جيئن ماڻهو پاڻ کان عبادت جا طريقا سکن ۽ معراج واري رات آسمانن تي گهرايو تہ جيئن ماڻهو پاڻ کان بندگي جا آداب سکي وٺن. [2]

يعني الله اسان جو ربّ آهي، اسان ان جا عبد (يعني ٻانها) آهيون، اُن ٻانهي ٿيڻ جا بہ تہ ڪجھ آداب آهن. اڄڪلھ اخلاق ۽ آداب تي تمام گهڻي ڳالھ ٿيندي آهي ❁ والدين جا آداب ❁ اولاد جا آداب ❁ ڊاڪٽر جا آداب ❁ مريض جا آداب ❁ دڪاندار جا آداب ❁ گراهڪ جا آداب ❁ ڪائڻ جا آداب ❁ پيئڻ جا آداب ❁ هلڻ جا آداب ❁ سمهڻ جا آداب ❁ هر شيءِ ❁ هر منصب ❁ هر عهدي جا الڳ الڳ آداب آهن. مطلب تہ ❁ اسان ڪجھ بہ آهيون ❁ ڪهڙي بہ منصب تي آهيون ❁ ڪهڙي بہ عهدي تي آهيون ❁ اسان جو معاشري ۾ جيڪو بہ اسٽيٽس آهي، انهن سڀني کان پهريان اسان عبدُ الله (يعني الله پاڪ جا ٻانها) آهيون تہ ان جي بندگي جا بہ تہ آداب آهن. انهن اَدبن کي بہ تہ سکڻو آهي. بهرحال الله ڪريم پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي معراج ڪرايو، ان پوري سفر ۾ پاڻ ڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي عَبۡدِيَّت جو غلبو هو ۽ ان ۾ حڪمت هي آهي تہ اسان معراج جي سفر جا احوال پڙهون، ان جون

1 وسائلِ بخشش، صفحہ:635۔

2 كتاب المعراج للقُشَيْرى ، باب ذكر الاسئلة فى المعراج، صفحہ:69۔

روايتون پڙهون ۽ انهن کان بندگي جا آداب سکون.

## پياري آقا جي هڪ خصوصيت

اها ئي وجه آهي جو قرآنِ پاڪ ۾ جتي جتي معراج جو ذڪر ٿيو، اتي پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عبديت واري وصف کي ذڪر ڪيو ويو آهي. مثال طور الله پاڪ ارشاد فرمايو:

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡۤ اَسۡرٰی بِعَبۡدِہٖ

ترجمو ڪنزالعرفان: پاڪ آهي اها ذات جنهن پنهنجي خاص ٻانهي کي رات جي ڪجھ حصي ۾ مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصيٰ تائين سير ڪرايو.[1]

+سورتِ نجم ۾ معراج جو بيان ٿيو اتي بہ فرمايو:

فَاَوۡحٰۤی اِلٰی عَبۡدِہٖ

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ ان پنهنجي ٻانهي کي وحي فرمائي جيڪا ان وحي فرمائي.[2]

**روايت ۾ آهي:** معراج واري رات جڏهن پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيا تہ الله پاڪ فرمايو: بِمَ اُشَرِّفُكَ يعني اي پيارا محبوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اڄ اوهان کي ڪهڙي شرف سان نوازيان؟ عرض ڪيائون: اي ربَّ ڪريم! مون کي پنهنجي طرف بندگي جي نسبت عطا فرماءِ. ان تي الله پاڪ هيءَ آيتِ ڪريمہ نازل فرمائي، ارشاد ٿيو:[3]

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡۤ اَسۡرٰی بِعَبۡدِہٖ

---

1 سيپارو: 15، بني اسرائيل: 1۔

2 سيپارو: 27، سورة النجم: 10۔

3 تفسيرِ ڪبير، پاره:15، سورۀ بنی اسرائيل، زير آيت: 1، جلد:7، صفحه:292۔

ترجمو ڪنزالعرفان: پاڪ آهي اها ذات جنهن پنهنجي خاص ٻانهي کي رات جي ڪجهه حصي ۾ مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصيٰ تائين سير ڪرايو.[1]

الله! الله! **پيارا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ جا ٻانها تہ سڀ ئي آهيون، مان بہ الله جو ٻانهو آهيان، اوهان بہ الله جا ٻانها آهيو پر هي منهنجي ۽ اوهان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو خصوصي شان آهي جو ربَّ ڪريم ڪين عَبۡدِهٖ يعني پنهنجو خاصُ الۡخاص ٻانهو فرمايو آهي. قرآنِ ڪريم ۾ ٻيو ڪنهن کي بہ هي خطاب عطا ناهي ڪيو ويو.

## شانِ عبديتِ مصطفيٰ

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هي (يعني عَبۡدُهٗ هجڻ) نهايت ئي اعليٰ شان آهي. عالم سڳورا فرمائن ٿا: جيڪڏهن انسان جي لاءِ ان کان وڏيڪ ڪو مقام هجي ها تہ ان خاص قرب ۾ رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اهو ئي مقام عطا ڪيو وڃي ها.[2] ڊاڪٽر اقبال چئي ٿو:[3]

پَيشِ اُوْ گيتی جَبِيں فَرسُودَه اَست | خَوِيش رَا خُود عَبۡدُهٗ فَرمُودَه اَست

**مفهوم:** هي رسولِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن، جن جي حُضور سڄي ڪائنات متو جهڪائي ڇڏيو. الله پاڪ خود ڪيس عَبۡدُهٗ (يعني خاصُ الخاص ٻانهو) فرمايو آهي.

عَبۡد دِيگر عَبۡدُهٗ چِيزَے دِگر | مَا سَراپا اِنتِظَار اُوْ مُنتظِر

**مفهوم:** ياد رکو! عبد (ٻانهو) ٻي شيءِ آهي، عَبۡدُهٗ (يعني خاصُ الخاص ٻانهو) هجڻ ڪجهه ٻيو ئي شان آهي. عَبۡد (يعني ٻانهو) مڪمل انتظار هوندو آهي پر عَبۡدُهٗ اهو آهي جنهن جو انتظار ڪيو ويندو آهي.

---

1 سيپارو: 15، بني اسرائيل: 1۔

2 كتاب المعراج للقُشَيْرى، باب ذكر لطائف المعراج، صفحه:100 بتصرف۔

3 كليات اقبال فارسى، جاويد نامه، فلک مشترى، صفحه:601، 602 ملتقطاً۔

عَبۡدُہٗ چِنۡد و چگُوۡنِ کَائِنَات | عَبۡدُہٗ رَازِ دَرُوۡنِ کَائنَات

مفهوم: عَبۡدُہٗ (يعني خاصُ الخاص ٻانهو) ڪائنات جي حقيقت آهي، عَبۡدُہٗ ان ڪائنات جو راز آهي جو هُو نہ هجن ها تہ ڪائنات بہ نہ هجي ها.

وہ جو نہ تھے تو کچھ نہ تھا، وہ جو نہ ہوں تو کچھ نہ ہو

جان ہیں وہ جہان کی، جان ہے تو جہان ہے [1]

## بندگي جا ڪي چند آداب

پيارا اسلامي ڀائرو! هتان اسان کي سبق سکڻ جي لاءِ مليو تہ اسان کي عَبۡدُ الله (يعني الله جو ٻانهو) بڻجڻو آهي. انسان جو پهريون ۽ آخري رتبو هيءُ ئي آهي. تنهنڪري هن دنيا ۾ اچي ڪري اسان ڪجھ ٻيو بڻجي سگهون يا نہ بڻجي سگهون، باقي صحيح معنٰي ۾ عبدُ الله تہ بڻجي ئي وڃڻ گهرجي. اسان کي صحيح معنٰي ۾ عبدُ الله (الله جو ٻانهو) بڻجڻ جي لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻو آهي؟ هونئن تہ هي هڪ پورو موضوع آهي، عالمن سڳورن هن تي پورا پورا ڪتاب لکيا آهن. باقي هتي ڪجھ ڳالهيون عرض ڪريان ٿو، اسان جيڪڏهن انهن ڳالهين کي اپنائي ونون تہ اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! صحيح معنٰي ۾ عبدُ الله بڻجڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسين.

## بندگي جا ڪجھ آداب

(1): پهرين ڳالھ هي تہ صحيح معنٰي ۾ الله پاڪ جو ٻانهو اهو ٿي سگهي ٿو جيڪو ڪثرت سان الله پاڪ جي عبادت ڪندو هجي، تنهنڪري ڪثرت سان عبادت جي عادت ٺاهيو! ❁ اسان پنج ئي نمازون باجماعت مسجد ۾ ادا ڪيون ❁ نوافل بہ پڙهون ❁ تهجد اشراق و چاشت ۽ اَوّابين جا نوافل بہ ادا ڪيون ❁ تلاوت

---

1 حدائق بخشش، صفحہ:178۔

بہ ڪيون ❁ دُرودِ پاڪ بہ پڙهون ❁ ڪثرت سان ذڪرُالله بہ ڪيون ❁ نفلي روزا بہ رکون. مطلب تہ وڌ کان وڌ عبادت ڪيون. (2): پوءِ ان سان گڏوگڏ هي بہ ضروري آهي تہ پنهنجي عبادت تي نظر رکون، پاڻ کي عبادت گذار شمار نہ ڪيون. عالم سڳورا فرمائن ٿا: صحيح معنٰي ۾ عبد اهو آهي جيڪو مسلسل عبادت ۾ مشغول رهي پر پنهنجي عبادت کي جَوَ جي داڻي جي برابر بہ نہ سمجهي. بَس هميشہ پنهنجو پاڻ کي **گنهگار**، نهايت عاجز ۽ ڪمزور ئي سمجهندا رهون.[1]

## بخشش جو هڪ سبب

عرب جو هڪ مشهور شاعر گذريو آهي: فَرَزْدَق. هڪ ڀيري هي امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر هو. چوڻ لڳو: هن وقت بدترين ٻانهو ۽ بهترين ٻانهو هڪ جڳهہ جمع آهن. ڪنهن پڇيو: بهترين ڪير آهي؟ چيائين: امام حسن بصري. پڇيو: بدترين ڪير آهي؟ فَرَزْدَق چيو: بدترين مان آهيان. جڏهن ان جو انتقال ٿيو تہ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو: ڇا گذري؟ چيائين: مون کي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو ويو. اعمال نامو کُليو، ان ۾ گناهہ ڳڻيا ويا، هاڻي مان سوچي رهيو هيس تہ مان تہ هلاڪ ٿي ويس. (پر ربِّ رحمٰن جي رحمت تي قربان) ٻنهي جهانن جي پالڻهار فرمايو: وڃ! مون توکي انهيءَ مهل بخشي ڇڏيو هو جڏهن تو پاڻ کي بدترين سمجهيو هو.[2]

سُبْحٰنَ الله! مطلب تہ اسان کي هي ٻئي ڪم ڪرڻا آهن: (1): عبادت بہ ڪثرت سان ڪرڻي آهي (2): ۽ پنهنجي عبادت کي ڪجهہ سمجهڻو بہ ناهي. بَس الله پاڪ جي رحمت تي نظرون جمائي رکڻيون آهن.

اُچّے بول نہ بول ظہوری رَبّ دے بندے کہہ گئے نے
نِیْویں پا کے ٹُر دیاں رہنا چنگا لگدا اے

1 تحفة المعراج، صفحہ:204۔
2 تحفة المعراج، صفحہ:147۔

وضاحت: اي ظهوري الله پاڪ جا نيڪ ٻانها چئي ويا آهن ته ڪڏهن وڏا ٻول نه ڳالهايو! بَس عاجزي سان مٿو جهڪائي زندگي گذاري ڇڏڻ، تمام سنو لڳندو آهي.

## (3): صرف ربّ جا ٿي وڃو!

**پيارا اسلامي ڀائرو! الله جو حقيقي ٻانهو يعني صحيح معنٰي ۾ عبدُالله ٻڻجڻ جي لاءِ ٽئين ڳالهه هيءَ ضروري آهي ته ٻانهو هر شيءِ کان جُدا ٿي ڪري صرف الله جو ٿي وڃي. معراج شريف جي روايتن ۾ آهي: جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيا ته الله پاڪ فرمايو: اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اَنَا وَ اَنْتَ هڪ مان آهيان، هڪ اوهان آهيو. وَ مَا سِوَاكَ خَلَقْتُ لِاَجَلِكَ اوهان کان علاوه ڪائنات ۾ جيڪو ڪجهه آهي، اهو سڀ مون اوهان جي لاءِ پيدا ڪيو آهي.**[1]

**سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي منهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو...!! الله پاڪ جي ساڻس محبت ڏسو! الله پاڪ کانسواءِ جيڪو ڪجهه به آهي، زمين، آسمان، چنڊ، تارا، سج، هي تمام روشنيون، هي سهڻيون فضائون، انسان، جنّ، ملائڪ سڀ ڪجهه الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ ٺاهيو آهي. ان ڪري ته اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:**

زمین و زماں تمہارے لئے ، مکین و مکاں تمہارے لئے
چنین و چُناں تمہارے لئے، بنے دوجہاں تمہارے لئے
دَہن میں زباں تمہارے لئے، بدن میں ہے جاں تمہارے لئے
ہم آئے یہاں تمہارے لئے، اُٹھیں بھی وہاں تمہارے لئے [2]

---

1 مکتوباتِ اِمامِ ربانی، دفتردوم،حصہ اوّل، مکتوب:7، جلد:2، صفحہ:855۔
2 حدائق بخشش، صفحہ:348۔

هي الله پاڪ جي پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان ڪمال محبت آهي. هاڻي اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عرض ڪيو؟ ٻڌو! اَللّٰهُمَّ اَنْتَ وَ مَاَنَا اي منهنجا الله پاڪ! هڪ تون ئي ته آهين مان ناهيان. وَ مَا سِوٰى ذٰالِكَ تَرَكْتُ لِاَجَلِكَ ۽ ان کان علاوه جيڪو ڪجهه آهي مون تنهنجي رضا جي لاءِ ڇڏي ڏنو.[1]

سُبْحٰنَ الله! هي آهي منهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شانِ عبديت ۽ ڪمالِ بندگي...!! محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سڀ ڪجهه پنهنجي ربَّ جي رضا جي لاءِ ڇڏي ڏنو. هڪ اسان آهيون ❁ اسان کان ڪجهه روپيه نه ٿا ڇڏجي سگهجن، نماز جي وقت ڏه منٽن جي لاءِ دڪان بند ناهيون ڪري سگهندا ❁ نوڪريءَ جو بهانو بڻائي ڪري نمازون قضا ڪيون ويندون آهن ❁ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ننڊ قربان ناهي ٿي سگهندي ❁ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ وقت ناهي ڏنو ويندو، نيڪ ڪمن جي لاءِ وقت ناهيون ڪڍي سگهندا ❁ الله پاڪ وياج خورن سان اعلان جنگ فرمايو آهي، ڪيترا ئي اهڙا آهن جيڪي لالچ ۾ اچي ڪري وياج جي ڏيڻ وٺڻ ۾ وڃي پوندا آهن ❁ گناهه ناهن ڇڏيندا ❁ الله پاڪ جي نافرماني کان ڊڄي ڪري موبائل ۽ سوشل ميڊيا جو غلط استعمال ناهيون ڇڏي سگهندا ❁ خواب اسان جا وڏا وڏا آهن، بَس انهن جي پنيان ڊوڙي رهيا هوندا آهيون، ڪار به وٺڻي آهي، بنگلو به ناهڻو آهي، بينڪ بيلنس به وڌائڻو آهي، وڏي کان وڏو عهدو به وٺڻو آهي، نيڪ ڪمن جي لاءِ وقت ئي ناهي.

ڪاش! اسان صحيح معنٰي ۾ الله پاڪ جا ٻانها بڻجي وڃون. الله پاڪ جي رضا وارا ڪم ڪرڻ اسان جي زندگي جو مقصد بڻجي وڃي. ڪاش! بندگي جو ذوق نصيب ٿي وڃي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

---

1 مڪتوباتِ اِمام رباني، دفتردوم،حصہ اوّل، مڪتوب:7، جلد:2، صفحہ:855۔

# معراج جي سفر جو تحفو

معراج جي سفر جو نهايت ئي پيارو پيارو تحفو آهي: **نماز**. بندگي جو حق ادا ڪرڻ جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اسان نماز جي پابندي ڪريون. ڪاش! اڄ اسان هيءَ نيّت ڪري هتان اٿون ته صحيح معنيٰ ۾ الله پاڪ جو بانهو بڻجڻ جي لاءِ الله پاڪ جو هر حڪم مڃيندُس ۽ خاص ڪري نماز ته بلڪل ڇڏڻي ئي ناهي.

روايتن ۾ آهي: معراج جي گهوٽ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ معراج جي رات اهڙن ماڻهن وٽ تشريف وٺي ويا جن جا مٿا پٿرن سان چٿريا پئي ويا، جڏهن به انهن کي چٿريو ويندو هو ته اهي پهريان وانگر درست ٿي ويندا هئا ۽ هي سلسلو ائين ئي هلندو رهندو هو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇيو: اي جبريل! هي ڪير آهن؟ عرض ڪيائين: هي اهي ماڻهو آهن جن جا مٿا نماز پڙهڻ کان ڳرا ٿي ويندا (يعني فرض نماز ڇڏي ڏيندا) هئا.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن مَٿي ۾ معمولي ڏکُ لڳي وڃي ته انسان تڙپي ويندو آهي ته معاذَالله نمازون قضا ڪرڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن سندس نازڪ مٿو ملائڪن پٿر سان چِٿرڻ شروع ڪري ڇڏيو ته ان جو ڇا ٿيندو! ڪاش! ڪاش! تمام مسلمان پڪا نمازي بڻجي وڃن.

ہو گی دنیا خراب، آخرت بھی خراب | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
بے نمازی جہنّم کا حقدار ہے | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
قبر میں سانپ بچھو لپٹ جائیں گے | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
سہہ سکو گے نہ دوزخ کا ہرگز عذاب | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
دیکھو! اللہ ناراض ہو جائے گا | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز

---

1 مسند بزار ،جلد:17،صفحه:5،حديث:9518 ـ

## مَٿو چِٿرڻ جي سزا

جيڪي فجر جي نماز ۾ سُتل هوندا آهن، اُهي نماز جو وقت سمهي گذارڻ جي خوفناڪ سزا جي ڪيفيت پڙهن ۽ توبهه ڪن. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْھُم کي فرمايو: اڄ رات 2 شخص (يعني جبرائيل ۽ ميڪائيل عَلَيهِمِ السَّلَام) مون وٽ آيا ۽ مون کي اَرضِ مُقدس (يعني بيتُ المُقدس) ۾ وٺي آيا.[1] مون ڏٺو هڪ شخص سُتل آهي ان جي سرهاڻي (يعني مٿي وٽ) هڪ شخص پٿر کنيو بيٺو آهي ۽ هر هر (يعني باربار) پٿر سان ان جو مٿو چٿري رهيو آهي، هر ڀيري چٿرڻ ڪان بعد مٿو وري نيڪ ٿي وڃي پيو. مون انهن ملائڪن کي چيو: سُبْحٰنَ الله! هي ڪير آهن؟ انهن عرض ڪيو: اڳتي تشريف وٺي هلو! (وڌيڪ منظرَ ڏيکارڻ ڪان بعد) ملائڪن عرض ڪيو: پهريون شخص جيڪو اوهان ڏٺو (يعني جنهن جو مٿو چٿريو پئي ويو) **هي اهو شخص هو جنهن قرآن ڪريم پڙهيو پوءِ ان کي ڇڏي ڏنو هو ۽ فرض نمازن جي وقت سمهي رهندو هو.**[2]

بے نمازی کی نحوست ہے بڑی | مر کے پائے گا سزا بے حد کڑی

## قضا نمازن جو طريقو رسالي جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! الله نه ڪري جيڪڏهن ڪنهن جون نمازون قضا ٿي ويون آهن ته جلد کان جلد انهن کي پڙهڻ جي ڪا صورت بڻايو. قضا نمازون ادا ڪرڻ جو طريقو ڇا آهي؟ قضا نمازن جا شرعي احڪام ۽ مسائل ڪهڙا آهن؟ ان جي متعلق اَمِيرِ اهلسنّت، حضرت محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو هڪ نهايت مُفيد رسالو آهي: قضا نمازن جو طريقو.

1 بخاری ،کتاب الجنائز ،صفحہ:386،حدیث:1386۔

2 بخاری ،کتاب التعبیر ،باب تعبیر الرؤیا،صفحہ:1714-1715،حدیث:7047ملتقطاً۔

هن رسالي ۾ قضا نمازن جي طريقي سان گڏوگڏ قضا نماز ڪهڙي وقت ادا ڪئي وڃي؟ قضاءِ عُمري ڇا کي چئبو آهي؟ ۽ قضا نمازن جي متعلق مُفيد معلومات شامل آهي. اَڄُ ئي مڪتبةُ المدينہ تان هي رسالو طلب ڪيو ۽ هن جو مطالعو فرمايو! الله پاڪ اسان کي دين جو علم سکڻ ۽ ان تي عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي. الله پاڪ جي فضل سان دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبہ جات ۾ ديني خدمات انجام ڏئي رهي آهي ✹ دعوتِ اسلامي هينئر تائين هزارين مسجدون، سوين فيضانِ مدينہ (مدني مراڪز) ٺاهي چڪي آهي ✹ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين (***Boys & Girls***) کي الڳ الڳ تعليمِ قرآن ڏيڻ جي لاءِ هينئر تائين تقريباً 12 هزار 699 مدرسةُ المدينہ (بوائز، گرلز) قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 3 لک، 73 هزار، 729 ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي قرآنِ ڪريم حفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏني پئي وڃي. ✹ فروغِ علمِ دين (عالِم و عالمہ ڪورس ڪرائڻ) جي لاءِ الڳ الڳ جامعة المدينہ قائم آهن. هينئر تائين تقريباً 1500 جامعة المدينہ (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين) جا قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 1 لک، 24 هزار، طالب ۽ طالبات کي درس نظامي (عالِم و عالمہ ڪورس) مفت ڪرايو پيو وڃي. هن وقت تائين تقريباً 31 هزار، 211 عالم و عالمہ ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن. ✹ 17 دارُ الافتاء اهلِ سنّت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مفتيانِ ڪرام اُمّت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهن انهن ۾ سالانہ تقريبًا 1 لک 70 هزار کان وڌيڪ سوالن جا جواب ڏنا ويندا آهن. ۽ ✹ المدينة العلميہ (***Islamic Research Canter***) ۾ مختلف موضوعن تي 932 ديني ڪتابَ ڇپجي چڪا آهن ۽ هي سلسلو اڃان

جاري آهي ❁ ❁ مدني چينل جي ذريعي 3 وڏين سيٽلائيٽس تي اردو، انگلش ۽ بنگالي زبانن ۾ دين جي خوب خدمت ڪئي پئي وڃي. **اوهان به دين جي خدمت جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوت اسلامي کي ڏيو، اوهان جو چندو ڪنهن به جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪيو ويندو آهي.**

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَمَا لَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ وَلِلّٰهِ مِیْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِؕ [1]

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ توهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو توهان الله جي راهه ۾ خرچ نه ٿا ڪريو حالانڪ آسمانن ۽ زمين سڀ جو وارث الله ئي آهي.

هن آيت جي تحت تفسير صراط الجنان ۾ آهي: توهان ڪهڙي سبب جي ڪري الله پاڪ جي راهه ۾ خرچ نه ڪري رهيا آهيو حالانڪ آسمانن ۽ زمين سيني جو مالڪ الله پاڪ ئي آهي اهو ئي هميشه رهڻ وارو آهي جڏهن توهان هلاڪ ٿي ويندؤ ۽ توهان جا مالَ انهيءَ جي ملڪِيت ۾ رهجي ويندا ۽ توهان کي خرچ نه ڪرڻ جي صورت ۾ ثواب به نه ملندو، توهان جي لاءِ بهتر هي آهي ته توهان پنهنجو مال الله پاڪ جي راهه ۾ خرچ ڪري ڇڏيو ته جيئن ان جي بدلي ثواب ماڻي سگهو. [2]

خبر پئي، خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ ۾ اسان ئي جو فائدو آهي. اسان جيڪڏهن دين جي مالي خدمت ترڪ ڪري ڇڏينداسين ته مسجدون ڪيئن نهنديون؟ لڪين حافظ ڪيئن تيار ٿيندا؟ هزارين عالم، 80 کان وڌيڪ ديني شعبا ڪيئن ڪم ڪري سگهندا؟ الحمدلله! دعوت اسلامي دين جي خدمت

---

1 سيپارو: 27، سورة حديد: آيت: 10۔

2 تفسير صراط الجنان، پاره:27، سورة حديد، زيرِ آيت:10، جلد:9، صفحه:721۔

ڪري رهي آهي، دعوتِ اسلامي مسجد ٻڌايو تحريڪ بہ آهي، دعوتِ اسلامي مسجد ڀريو تحريڪ بہ آهي ۽ الله پاڪ جي فضل سان دعوتِ اسلامي ايمان بچايو تحريڪ بہ آهي. دعوت اسلامي اسان جي نسلن کي بچائي رهي آهي، دعوت اسلامي اسان جي ايمان جي حفاظت ڪري رهي آهي. گھر گھر ۾ نيڪي جي دعوت پهچائي ڪري گھر امن جو گهوارو بڻائي رهي آهي. اسان دعوت اسلامي جو ساٿ ڏينداسين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم ! هن جو فائدو اسان کي، اسان جي نسل کي ئي ٿيندو. لهٰذا همت ڪيو! دل کولي راهِ خدا ۾ خرچ ڪيو! دعوت اسلامي جو ساٿ ڏيو! الله پاڪ چاهيو تہ دين ۽ دنيا جون برڪتون نصيب ٿينديون. الله پاڪ اسان کي دين جي خدمت ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 27 رجب جي روزي جي ترغيب

**پيارا اسلامي ڀائرو!** روزو جسماني صحت جو ضامن بہ آهي ۽ روحاني صحت جو بہ ضامن آهي. الحمد لله! رجب شريف جو مبارڪ مهينو هاڻي پنهنجون برڪتون لٽائي رهيو آهي، نفلي روزن جي جڻ بهار جي موسم هلي رهي آهي، اسان کي گهرجي تہ هنن بابرڪت ڏينهن مان فائدو ڪڻندي خوب روزا رکون، نيڪيون ڪمايون ۽ روزا رکڻ جي فضيلت جا حقدار بڻجون. اچو! ترغيب جي لاءِ 27 رجب شريف جي روزي جا فضائل ٻڌون ٿا: حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جيڪو ستاويهين رجب جو روزو رکي، الله پاڪ ان جي لاءِ 60

مهينن جي روزن جو ثواب لکي ڇڏيندو آهي.[1] حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنْہ روايت ڪن ٿا، رسولن جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: رَجَب ۾ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات آهي جيڪو هن ڏينهن روزو رکي ۽ رات جو قيام (يعني عبادت) ڪري ته ڄڻ ان 100 سال جا روزا رکيا، ۽ اها رجب جي ستاويهين تاريخ آهي.[2]

## شعبان جي روزن جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! شعبان المعظم به تشريف ڪٽي اچڻ وارو آهي. هي مهينو به وڏي فضيلتن ۽ برڪتن وارو آهي، حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! هن مهيني ۾ ڪثرت سان نفل روزا رکندا هئا. هن مهيني مبارڪ ۾ به نفلي روزن جي ڪثرت جو ذهن بڻايو!

امُّ المؤمنين حضرت عائشه صديقه، طيبه طاهره رَضِیَ اللہُ عَنْہا فرمائن ٿيون :حضورِ اڪرم، نورِ مُجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي مون شعبان کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ روزا رکندي نه ڏٺو، پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سواءِ ڪجھ ڏينهن جي پوري مهيني جا ئي روزا رکندا هئا.[(3)]

هڪ ڀيري پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ سوال ٿيو: رمضان کان بعد ڪهڙا روزا افضل آهن؟ فرمايائون: رمضان جي تعظيم جي لاءِ شعبان جا روزا رکڻ.[(4)]

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمۡدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ شعبان ۾ به روزن جي بهار هوندي آهي، مختلف مقامن تي سحري اجتماعن جو به اهتمام ڪيو ويندو آهي، مَاشَآءَ الله! ڪيئي عاشقانِ

1 فضائل شهر رجب للخلال، صفحه:76، حديث:18۔
2 شعب الايمان،جلد:3صفحه:374،حديث:3811۔
3...ترمذی،کتاب:الصوم،باب:ماجاء فی وصال شعبان برمضان،صفحہ:206، حدیث:736-
4...ترمذی،کتاب:زکوٰۃ،باب:فضیلتِ صدقہ،صفحہ:189،حدیث:663-

رسول ڪثرت سان روزا رکندا آهن ۽ مُسلسل روزا رکندي رمضانُ المبارڪ سان ملي ويندا آهن. اوهان بہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! فيضانِ معراج سان گڏوگڏ شعبان المعظم ۽ رمضانُ المبارڪ جون خوب خوب برڪتون نصيب ٿينديون الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد للّٰه!ماهِ رمضان جي آمد آمد آهي. الحمد للّٰه! رمضانُ المبارڪ نهايت برڪتن وارو مهينو، ماهِ رحمٰن، ماهِ نزولِ قرآن ۽ ماهِ غفران آهي.

عَجِّلْ عَجِّلْ یَا رمضان جان مری تجھ پر قربان
آ بھی جا ماہِ سُبحٰن جلدی جلدی آ رمضان

الله پاڪ اسان کي رمضان جو مهينو ڏسڻ، ان ۾ خوب روزا رکڻ، خوب عبادت ڪرڻ نصيب فرمائي. رمضان مهيني جي هڪ اهم ترين عبادت اعتڪاف بہ آهي. نفلي اعتڪاف تہ ڪهڙي وقت بہ ڪري سگهجي ٿو پر جيڪو اعتڪاف سنّتِ مؤڪده آهي، اهو رمضان مبارڪ ۾ ئي ٿيندو آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان پوري رمضان مهيني جو اعتڪاف ڪرڻ بہ ثابت آهي جڏهن تہ آخري ڏهي جو اعتڪاف تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي نهايت محبوب هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آخري ڏهي جي اعتڪاف جو نهايت اهتمام فرمائيندا هئا، ايستائين جو هڪ ڀيري ڪنهن سبب رمضانُ المبارڪ ۾ اعتڪاف نہ ٿي سگهيو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شوال ۾

اعتڪاف فرمايو.[1]

## اعتڪاف جا فضائل

اُمُّ المُؤمِنِين حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا کان روايت آهي: مَنْ اِعْتَكَفَ اِيْمَاناً وَ اِحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن ايمان سان ۽ ثواب حاصِل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو ان جا گذريل گناهہ بخشيا ويندا.[2] ✿ هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: جنهن رمضان المبارڪ ۾ 10 ڏينهن جو اعتڪاف ڪيو اهو ايئن آهي جيئن 2 حج ۽ 2 عمرا ڪيائين.[3]

## اجتماعي سنّت اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد للّٰہ! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دنيا ڀَر ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، فيضانِ رمضان ماڻڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. الحمدللّٰہ! دعوت اسلامي جي تحت سڄي دنيا ۾ هزارين هنڌن تي آخري عشري جو اجتماعي سنت اعتڪاف ڪرايو ويندو آهي، هن سال اِنْ شَآءَ اللّٰہ الْكَرِيْم! پاڪستان ۾ 26 هنڌن تي رمضان المبارڪ جي پوري مهيني جو اجتماعي اعتڪاف ڪرايو ويندو. اوهان بہ ڪوشش ڪريو! پوري مهيني جي اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيو! بلڪ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) ۾ اعتڪاف ڪيو! اتي اِنْ شَآءَ اللّٰہ الْكَرِيْم! شيخ طريقت، امير اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بہ تشريف فرما هوندا، توهان بہ اعتڪاف ڪيو. جيڪڏهن توهان ڪي وقت جي

---

1 بخاری،کتاب الاعتکاف،باب الا عتکاف فی الشوال ، صفحہ:533،حديث:2041۔
2 جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8480۔
3 جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8479۔

ڪامل ولي سان اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت ملندي تہ ان جون برڪتون ئي الڳ هونديون. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! رمضانُ المبارڪ جي مهيني ۾ گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ، نفلي عبادت جو شوق وڌڻ سان گڏوگڏ گهڻو علمِ دين بہ سکڻ جي لاءِ ملندو، اچو! ترغيب جي لاءِ اجتماعي اعتڪاف جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## گناهن ڀري زندگي ۾ بهار اچي وئي

ڊيره الله يار (صُوبي بلوچستان، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان پهريان گُناهن جي دلدل ۾ غرق هئس، فلمون ڏسڻ ۽ بدنگاهي وغيره منهنجا پسنديده مشغلا هئا، هڪ ڀيري هڪ عاشِقِ رسول اسلامي ڀاءُ سان منهنجي ملاقات ٿي، ان وڏي پيار ڀري انداز سان مون کي اجتماعي سُنّت اعتڪاف ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، ان جو حڪمت ڀريو ۽ پيارو انداز ڏسي منهنجي دِل نرم ٿي ۽ مان رمضان المبارڪ ۾ اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت جي لاءِ فيضانِ مدينہ پهتس. اعتڪاف دوران مبلغين اسلامي ڀائرن جا سُنّتن ڀريا بيان، پُرسوز مناجات ۽ رِقّت انگيز دُعائن سان منهنجي دِل جي دُنيا بدلجي وئي، مون اڳوڻن گُناهن کان توبہ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويس، ان جي برڪت سان منهنجي ڪردار ۽ گفتار ۾ مثبت تبديليون اچڻ لڳيون، مون عمامي شريف جو تاج بہ سجائي ورتو، سُنّت جي مطابق ڏاڙهي شريف بہ رکي ورتي ۽ الحمد لله! نمازن جو پابند بہ بڻجي ويس.

آئیں گی سُنّتیں، جائیں گی شامتیں | مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
تم سدھر جاؤ گے، پاؤ گے برکتیں | مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# فيضانِ حديث (Faizan e Hadees) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد للّٰه! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي به مختلف انداز سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، ان سلسلي ۾ الحمد للّٰه! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان تمام پياري، نرالي ۽ نهايت فائدي مند موبائل ايپليڪيشن بنام ”فيضانِ حديث“ ***Play Store*** ۽ ***App Store*** تي پيش ڪئي وئي آهي. هن ايپليڪيشن ۾ حديثِ پاڪ جا مشهور ڪتابَ مثلاً ❁ مِشْكٰوةُ الْمَصَابِيْح ۽ ان جي آسان اردو شرح مِراٰةُ الْمَنَاجِيْح ❁ الْأَربَعِيْنِ النّوويّة اردو ترجمو ۽ تشريح سان گڏ ❁ رِياضُ الصَّالِحِين اردو ترجمو ۽ تشريح سان گڏ ❁ أَربَعِيْنِ حَنَفِيَّه (اردو) ❁ ۽ مُنْتَخَب اَحَادِيث (اردو) شامل ڪيا ويا آهن ❁ هن ايپليڪيشن جي مدد سان توهان مبارڪ حديثن کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) به پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهرج جي موضوع جو مطالعو به ڪري سگهو ٿا❁سرچ آپشن به موجود آهي، جنهن جي مدد سان توهان مڪمل ڪتاب ۾ يا هڪ حديث ۾ مختلف الفاظ ۽ مڪمل جملو به سرچ ڪري سگهو ٿا ❁ سرچ آپشن جي مدد سان مڪمل ڪتاب يا هڪ حديث ۾ مختلف لفظن ۽ مڪمل جملي ۽ حديثِ پاڪ جا عربي الفاظ، ان جا ترجما ۽ شرح ۾ الگ الگ به سرچ ڪري سگهجي ٿو ❁ حديثِ پاڪ جو عربي متن اعراب سان گڏ ۽ بنا اعراب جي، ٻنهي طرح ڏسڻ جي سهولت رکي وئي آهي ❁ مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ جي لاءِ پسنديده حديثن کي ***Favorite*** ڪرڻ جو آپشن به ڏنو ويو آهي ❁ مختلف فائونٽس ۽ حديثون شيئرنگ جي سهولت به ڏني وئي آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هي ايپليڪيشن ڊائون لوڊ ڪيو! پاڻ به حديثِ پاڪ جو فيضان لُٽيو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# پاڻي پيئڻ جون 13 سنّتون ۽ آداب

فرمان مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ❁ اُٺ وانگر هڪ ئي ساهي ۾ نہ پيو، بلڪ بہ يا ٽي پيرا (ساهہ ڪٽي) پيئو ۽ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ الله پڙهو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلحَمْدُ لله چوندا ڪريو!

اي عاشقانِ رسول! پاڻي هجي يا ڪا بي شيءِ ❁ پيئڻ کان پهرين بِسْمِ الله پڙهو ❁ چوسي ڪري ننڍا ننڍا ڍُڪ پريو، وڏا ڍُڪ ڀَرڻ سان جگر(*Liver*) جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ❁ پاڻي ٽن ساهين ۾ پيئو ساڄي هٿ سان ۽ ويهي پاڻي پيئو ❁ ڪؤنري وغيره مان وضو ڪيو هجي تہ ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شِفا آهي جو اهو آبِ زمزم شريف سان مشابهت رکي ٿو، انهن ٻنهي (يعني وضو جي بچيل پاڻي ۽ آب زمزم شريف) کان علاوه ٻيو ڪو بہ پاڻي بيهي ڪري پيئڻ مڪروه آهي، اهي ٻئي پاڻي قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي پيئو ❁ پيئڻ کان پهرين ڏسو تہ پيئڻ جي ٿانوءَ ۾ ڪا نقصان واري شيءِ وغيره تہ ناهي ❁ پاڻي پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُلله چئو ❁ حُجَّةُ الاسلام حضرت امام محمد بن محمد غزالي عليهِ رَحمةُ اللهِ الوالي فرمائن ٿا: بِسْمِ الله پڙهي پيئڻ شروع ڪري، پهرين ساهي جي آخر ۾ اَلْحَمْدُلله بي کان پوءِ اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ العَالَمِيْن ۽ ٽين کان پوءِ اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي. هي هڪ سُنو ڪم آهي، نہ بہ پڙهيائين تہ حرج ناهي ۽ شروع ۾ بِسمِ الله ۽ آخر ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوڻ سان بہ سنّت ادا ٿي ويندي ❁ گلاس مان بچيل مسلمان جي اُوبر واري صاف پاڻي کي استعمال لائق هجڻ جي باوجود هرويرو

اچلائڻ نہ کپي۞ منقول آهي: سُؤْرُ الْمُؤْمِنِ شِفاءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شِفا آهي. ۞ پيئڻ جي ڪجھ گھڙي بعد خالي گلاس کي ڏسندؤ تہ ان جي پاسن مان ڪجھ قطرا هيٺ جمع ٿي چڪا هوندا ان کي بہ پي ڇڏيو[1]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبۃُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر | سنّتیں سیکھیں گے اِس میں اِنْ شَآءَاللہ سر بسَر
مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروردگار | سنّتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار[2]

اللہ پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1 550 سنتيں اور آداب، صفحہ:16۔

2 وسائل بخشش، صفحہ:635۔